
# قبر جو معاملو
# آسان ناهي

**25-February-24**

اجتماعِ شبِ براءت جو بيان

(for Islamic Brothers)



اجتماع شبِ براءت جو بيان

(15 شعبانُ المُعظم 1445ھ، 25 فيبروري 2024، آچرءِ سومر جي وچين رات)

# قبر جو معاملو آسان ناهي

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... جهنّم کان ڇوٽڪاري واري رات
- ✿... ست منڊين وارا خوفناڪ نانگَ
- ✿... قبر جي عذابن جا هولناڪ منظرَ
- ✿... قبر جنّت جو باغ يا جهنّم جو کڏو
- ✿... قبر کي روشن ڪرڻ وارا ڪمَ

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

For Feedback: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

شيخ ابو حفص ڪاغذي رحمۃ اللہ علیہ هڪ عظيم بزرگ ٿي گذريا آهن، جڏهن سندن انتقال ٿيو تہ ڪجھ ڏينهن کان بعد پنهنجي ڪنهن دوست جي خواب ۾ تشريف وٺي آيا، دوست پڇيو: ڇا حال احوال آهي؟ قبر ۾ ڇا معاملو ٿيو؟ فرمايائون: مون تي وڏو ڪرم ٿيو، واقعو هيئن پيش آيو جو جڏهن مون کي قبر ۾ دفن ڪيو ويو تہ مُنڪر نڪِير (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارا ملائڪ) پهچي ويا، انهن مون کي اٿاري ويهاريو ۽ سوال پڇڻ لڳا، ايتري ۾ الله پاڪ جو فرمان آيو: اي ملائڪو! ترسو...!! ملائڪ رڪجي ويا. هاڻي حڪم ٿيو: هن ٻانهي جا گناه ڳڻيو! ملائڪن منهنجا گناه شُمار ڪيا، هاڻي تہ مان ڊڄي ويُس تہ ايترن گناهن هوندي مان ڪيئن بخشيو ويندُس. هوڏانهن ملائڪن کي حڪم ٿيو: هن ٻانهي دنيا ۾ اسان جي محبوب صلی اللہ علیہ والہ وسلم تي جيڪي دُرود شريف پڙهيا آهن، هاڻي انهن کي ڳڻيو! ملائڪن منهنجا پڙهيل دُرودِ پاڪ ڳڻڻ شروع ڪيا. خوش قِسمتي سان منهنجا پڙهيل دُرودِ پاڪ گناهن کان گهڻا هئا. بهرحال ملائڪن کي حڪم ٿيو: حَسْبُكُمْ يَا مَلَائِكَتِیْ! اي منهنجا ملائڪو! ايترو ئي حساب ڪافي آهي.اِذْهَبُوْا بِهٖ اِلٰى جَنَّتِیْ هن

ٻانهي کي منهنجي جنّت ۾ وٺي وڃو! (يعني هن جي قبر کي جنّت جو باغ بڻائي ڇڏيو!)[1]

| | |
|---|---|
| ذات والا په بار بار درود | بار بار اور بے شمار درود |
| بے عدد اور بے عدد تسلیم | بے شمار اور بے شمار درود |
| قبر میں خوب کام آتی ہے | بیکسوں کی ہے یارِ غار درود (2) |

## ڪثرتِ دُرود جي هڪ برڪت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي پياري ڳالهه آهي، قبر جي حساب کان، قبر جي عذاب کان، مُنڪر نڪير جي سوالن کان نجات ماڻڻ جو بهترين وظيفو آهي: دُرودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريو! الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. خواجه ضياءُ الدِّين رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: جيڪو ٻانهو نيڪ نمازي هجي ۽ ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهندو هجي، جڏهن اهو مري قبر ۾ لهندو آهي تہ مُنڪر نڪير (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارا ملائڪ) ان کان معمولي حساب وٺندا آهن، پوءِ ان جي قبر کي حدِ نگاهہ تائين وسيع ڪيو ويندو آهي، قبر نور سان جڳمڳائڻ لڳندي آهي، پوءِ ايتري ۾ ان جي جنّتي گهرواري قبر ۾ پهچي ويندي آهي، ان جي ڳچيءَ ۾ موتين جو هارُ هوندو آهي، جيئن ئي اهو ٻانهو ان هار جي طرف اشارو ڪندو آهي تہ هار ٽُٽي ڪري ڪِري پوندو آهي، ان جي جنّتي گهرَواري چوندي آهي: پريشاني جي ڳالهه ناهي، اسان هنن موتين کي ميڙي ٿا وٺون. اهي ٻئي ملي ڪري موتين کي ميڙڻ شروع ڪندا آهن. بَس اهي سيئي موتي ميڙي بہ نہ سگهندا تہ قيامت قائم ٿي ويندي.[3]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو دُرودِ پاڪ جي برڪت سان قبر جي تنگي کان بہ نجات ملندي آهي، اتان جي وحشت ۽ اڪيلائي بہ دور ٿي ويندي آهي ۽ قبر جو ڪيئي

[1]...القول البديع، الباب الثانى فى ثواب الصلاة على رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم،صفحہ:124۔
2... ذوقِ نعت، صفحہ:123-125 ملتقطاً۔
3...برڪاتِ درود، ص:17۔

سالن جو قيام بہ ڪجھ ڪھڙين ۾ گذري ويندو آهي. الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دل ۾ ارادو ڏسو تہ ان شاءالله الڪريم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❁ عِلَمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، گھر وارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اڄُ شعبانُ المُعظم جي 15 هين رات يعني شبِ بَراءَت آهي ❁ نهايت برڪتن واري ❁ عظمتن واري ❁ ڀلائين واري رات آهي ❁ اڄوڪي رات دعائون قبول ٿينديون آهن ❁ روزي ورهائي ويندي آهي ❁ ۽ سڄي سال جي رزق جو اڄوڪي رات فيصلو ٿيندو آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جڏهن شعبان جي وچين رات (يعني 15 هين) رات اچي تہ ان رات قيام (يعني عبادت) ڪريو، ڏينهن

---

1...بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

جو روزا رکو، بيشڪ ان رات سج لهندي ئي الله پاڪ پنهنجي شان مطابق آسمانن تي تجلي فرمائيندو ۽ ارشاد فرمائيندو آهي: ﴿اَلَا مِنْ مُسْتَغْفِرٍلِیْ فَاَغْفِرَ لَهٗ﴾ آهي ڪو مون کان مغفرت گهرڻ وارو تہ مان ان کي معاف ڪري ڇڏيان ﴿اَلَا مُسْتَرْزِقٌ فَاَرْزُقَهٗ﴾ آهي ڪو رزق گهرڻ وارو تہ مان ان کي رزق عطا ڪيان ﴿اَلَا مُبْتَلًى فَاُعَافِيَهٗ﴾ آهي ڪو پريشان حال تہ مان ان جي پريشاني دور فرمايان، آهي ڪو اهڙو، آهي ڪو اهڙو، طلوعِ فجر تائين ائين ئي اعلان ٿيندو رهندو آهي.[1]

کِشتِ اُمّید پہ ہے فَضلِ خُدا آج کی رات
ہر طرف چھائی ہے رحمت کی گھٹا آج کی رات
کس قدر جوش پہ ہے حق کی عطا آج کی رات
پائیں گے سارے طلب سے بھی سِوا آج کی رات
مغفرت ڈھونڈتی پھرتی ہے گنہ گاروں کو
مہرباں کتنا ہے بندوں پہ خُدا آج کی رات
کوئی محروم نہ رہ جائے زمیں پر سائل
آسمانوں سے یہ آتی ہے صدا آج کی رات

هڪ شاعر لکيو:

آئی شَبِ براءَت، یہ ہے برکتوں کی رات
لطف و کرم کی رات ہے، یہ رحمتوں کی رات
بارانِ فضل ہوتا ہے اس شب کو ہر گھڑی
خوش بخت ہے جسے ملی یہ عظمتوں کی رات
جو چاہتے ہو، تم کو کرے گا خدا عطا
اس کی عنایتوں کی ہے یہ نعمتوں کی رات
غم کا علاج آج کی شب دستیاب ہے
یہ جاں فزا ہیں ساعتیں، یہ فرحتوں کی رات
کر لو مرض کے واسطے رب سے دُعا ابھی
یہ ہے شفا کی رات، یہ ہے راحتوں کی رات
دامن بڑھاؤ مانگ لو خیراتِ مغفرت
اے عاصیو! ہے جلوہ نما رافتوں کی رات
راضی کرو تمام جو ناراض تم سے ہیں
صلح و صفا کی رات ہے، یہ قُربتوں کی رات

---

1...ابن ماجہ، كتاب اقامة الصلاة والسنة فيها، باب ما جاء في ليلة...الخ، صفحہ:225، حديث:1388۔

## جهنّم کان ڇوٽڪاري واري رات

الله پاڪ اسان کي اڄوڪي رات جو قدر ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. حديثِ پاڪ جي مطابق هن رات بَنو ڪَلب جي ٻڪرين جي وارن جي برابر گنهگارن کي جهنّم کان آزاد ڪيو ويندو آهي،[1] بَنُو ڪَلب عرب جو هڪ قبيلو هو، ڪتابن ۾ لکيل آهي: اهي ماڻهو ٻڪريون تمام گهڻيون پاليندا هئا.[2]

آج کی رات نہ غفلت میں گزاری جائے | رَبِّ اکبر کی کرو حمد وثنا آج کی رات

سُبْحٰنَ الله! هڪ ٻڪري جي جسم تي ڪيترا وارَ هوندا آهن، ڪير ٿو انهن جي ڳڻپ ڪري سگهي؟ معلوم ٿيو اڄوڪي رات هزارين، لکين بلڪ ڪروڙين ماڻهن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي پر 10 بدبخت اهڙا آهن جن جي هن رات به بخشش ناهي ٿيندي: (1): شراب جو عادي (2): ماءُ پيءُ جو نافرمان (3): زِنا جو عادي (4): رشتا ٽوڙڻ وارو (5): تصوير ٺاهڻ وارو (6): ۽ چغلخور.[3] (7): ڪاهِن (يعني نجومي) (8): جادوگر (9): تڪبر سان شلوار يا گوڏ پيڊِن کان هيٺ لڙڪائڻ وارو (10): مسلمان کان بنا اجازتِ شرعي بغض ۽ ڪينو رکڻ (يعني دل ۾ دشمني لڪائڻ) وارو به هن رات مغفرت جي سعادت کان محروم رهندو آهي.[4]

مغفرت کا ہوں تجھ سے سُوالی | پھیرنا اپنے دَر سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی التجا ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
نارِ دوزخ سے مجھ کو اماں دے | مغفرت کر کے باغِ جِناں دے
کر دے رَحمت مری التجا ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے (5)

---

1...شعب الايمان، باب فی الصيام، ما جاء فی ليلة النصف من شعبان، جلد:3، صفحہ:384، حديث:3837۔
2...مِرْقاة المفاتيح ، كتابُ الصَّلاة، باب قيام شهر رمضان، جلد:3، صفحہ:339، تحت الحديث:1299۔
3...فضائلُ الْاَوقات، باب فی ليلة النصف من شعبان، صفحہ:33، حديث:36۔
4...آقا کا مہینا، صفحہ:11۔
5...وسائل بخشش، صفحہ:136 ملتقطًا۔

الله پاڪ اڄوڪي هن برڪت واري رات جي صدقي اسان سڀني کي مغفرت جي خيرات نصيب فرمائي❁ سچي توبهه جي توفيق ملي ❁ گناهن کان نفرت ٿئي ❁ نيڪين جي ڪثرت ڪيون ❁ الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا اڄوڪي رات اسان سڀني کي نصيب ٿي وڃي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## لوهي چهري وارو شخص

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو تہ هڪ عبرتناڪ واقعو ٻڌي عبرت حاصل ڪريون. حضرت مَرثَد بن حَوۡشَب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان حضرت يوسف بن عَمرو رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، انهن وٽ هڪ عجيب شخص ويٺل هو، جنهن جي چهري جو ڪجهه حصو لوهہ جو هو. ان شخص پنهنجو قصو بيان ڪندي چيو: منهنجي جواني جا ڏينهن هئا، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ طاعون پکڙجي ويو (ماڻهن جو وڏو انگ مرڻ لڳو)، مون سوچيو تہ مان قبرون کوٽيندڙ بڻجي وڃان ٿو (يعني قبرُن کوٽڻ جو ڪم ڪريان ٿو). جيئن تہ مان قبرون کوٽڻ لڳس. هڪ ڀيري مغرب ۽ عشاء جو درمياني وقت هو، مون قبر کوٽي تيار ڪئي ۽ ويجهو ئي ويهي رهيس. اوتري ۾ جنازو اچي ويو، اسان ميت کي دفن ڪيو، مٿان مٽي وڌي ۽ سڀئي ماڻهو پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. مان اڃان اتي ئي موجود هيس تہ اوتري ۾ اُٺَ جهڙي جَسامت وارا ٻہ وڏا وڏا اڇي رنگ جا پکي آيا ۽ ان نئين قبر وٽ لٿا. هاڻي هڪ پکي ان جي مٿن کان هو، ٻيو پيرن جي طرف کان هو. انهن ٻنهي قبر کوٽي ۽ هڪ پکي قبر جي اندر لهي ويو. مان نهايت حيراني سان ويهي هي سڄو ماجرو ڏسي رهيو هيس. ان پکيءَ هن ميّت کي هڪ زوردار چنبو هنيو ۽ چيو: **تون اهو ئي آهين جيڪو چمڪدار لباس پائيندو ۽ ان کي تڪبر سان**

**ڳِهليندي ساهرَن ۾ ويندو هُئين؟** اهو مُردو رڙيون ڪرڻ لڳو: هاءِ افسوس...! مان هي برداشت ڪرڻ جي طاقت نہ ٿو رکان. ايتري ۾ ان پکيءَ اهڙو زوردار چنبو هنيو جو لاش جو تيل پاٽي نڪري ويو ۽ قبر ۾ وهڻ لڳو، پوءِ ان کي ٻيهر اصلي حالت تي آندو ويو، پکيءَ وري چيو: **تون اهو ئي آهين جيڪو چمڪدار لباس پائيندو ۽ ان کي تڪبر سان ڳِهليندي ساهرَن ۾ ويندو هُئين؟** هي چئي ڪري ان وري هڪ زوردار ڌڪ هنيو، ايئن ئي ٿي پيرا ان کي ماريو ويو.

اوتري ۾ ان پکيءَ جي مون تي نظر پئجي وئي ۽ ان پاڻ سان ڳَڏ ٻئي پکيءَ کي چيو: الله هن کي رسوا ڪري، هن کي ڏسو!هي ڪٿي وينو آهي. هي چئي ڪري ان مون کي بہ زوردار چنبو هنيو، ايڏو زوردار چنبو هيو جو مان سڄي رات بيهوش رهيس. صبح جو جڏهن هوش آيو تہ نہ اتي پکي هئا، نہ قبر ۾ ڪجھ نظر اچي رهيو هو. اها نئين قبر بہ عام قبر جيان ئي نظر اچي رهي هئي. هي منهنجي چهري جو جيڪو حال توهان ڏسي رهيا آهيو، هي انهيءَ پکيءَ جي چَنبي جو اثر آهي.[1]

میں رحمت، مغفِرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ
بَراءَت دے عذابِ قبر سے نارِ جہنَّم سے
مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل وکرم مولیٰ
عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگادے دل
رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرمادے کرم مولیٰ (2)

1... موسوعہ ابن ابی الدنيا، كتاب القبور، جلد:6، صفحہ:75-79، رقم:98۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

## ساهرَن ۾ تڪبر ڪان بچو!

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان ٿورو غور ڪيون! هي ڪيڏو سخت عذاب هو، هڪ ڇنبو ايڏو زوردار هو جو لاش ڳري ڪري وَهي ويو، ان کي وري پهرين حالت تي ڪيو ويو، وري ڇنبو هنيو ويو. ياد رکو! قبر جو عذاب برحق آهي، الله پاڪ اسان کي قبر جي عذاب کان بچائي.(آمين) اسان پنهنجي باري ۾ سوچون، الله نہ ڪري! جيڪڏهن اسان کي اهڙي مار ڏني وڃي تہ ڇا اسان برداشت ڪري سگهنداسين؟ هرگز نہ، ڪيڏي سخت تڪليف ڏيڻ واري ڳالهہ هوندي...!! هي عذاب ڪنهن کي ڏنو پئي ويو؟ اهو ڀانهو ساهرَن ۾ ويندي تڪبر ڪندو هو.

الله پاڪ اسان کي هن بُرائي کان بچائي رکي، تڪبر نهايت سخت گناهہ آهي، حرام آهي،[1] جهنّم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي. ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي، جڏهن ساهرن ۾ ويندا آهن ❁ تہ انهن جو انداز ئي الڳ هوندو آهي ❁ اجايو نخرا ڏيکاريندا آهن ❁ کاڌي ❁ پيتي وغيره جي معاملن ۾ گهٽ وڌ ڳالهائيندا آهن ❁ پنهنجي لاءِ خصوصي انتظامات جو مطالبو ڪندا آهن، هيءَ سُٺي ڳالهہ ناهي ۽ جيڪڏهن اهڙو ورتاءُ تڪبر جي نيّت سان هجي پوءِ تہ گناهہ جو دروازو بہ کُلي سگهي ٿو. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ ❁ ساهرا هجن يا پنهنجو گهر ❁ دڪان هجي يا آفس ❁ پاڙو هجي يا بازار مطلب تہ اسان ڪٿي بہ هجون، تڪبر کان بچون، صرف ۽ صرف عاجزي ئي اختيار ڪيون عاجزي اختيار ڪرڻ سان اسان کي بُلندي ئي ملندي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي ڪندو آهي الله پاڪ ان کي بُلندي عطا فرمائيندو آهي.[2] ان جي خلاف قيامت واري ڏينهن الله پاڪ تڪبر ڪرڻ وارن کي ذليل ۽ رسوا ڪري ڇڏيندو.

---

1...فتاوىٰ رضويہ، جلد:23، صفحہ:614۔

2... مسلم، كتاب البر والصلة والآداب، باب استحباب العفو والتواضع، صفحہ:1002، حديث:2588۔

حديثِ پاڪ ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن تڪبر ڪرڻ وارن کي انساني شڪلن ۾ ڪِيولِن جيان اٿاريو ويندو، هر طرف کان انهن تي ذلت طاري هوندي، انهن کي جهنّم ۾ بُولَس نالي قيد خاني جي طرف هَڪليو ويندو ۽ تمام وڏي باهه انهن کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ڪري انهن تي غالب اچي ويندي، انهن کي طِيْنَةُ الْخَبَال يعني جهنّمين جي پونءِ پياري ويندي.[1]

خُوب انساں کو کرتی ہے رُسوا | جب زباں بے لگام ہوتی ہے
گر تکبّر ہو دِل ذرّہ بھر | سُن لو جنّت حرام ہوتی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هن دنيا ۾ اچي وياسين، هاڻي اسان کي مرڻو ئي پوندو، قبر ۾ لهڻو ئي پوندو ۽ پنهنجي ڪرڻ جو بدلو ڀوڳڻو ئي پوندو. اسان چاهي هزارين ڪوششون ڪيون، جيترو مرضي ڀڄون، اسان پنهنجي عملن کان ڇوٽڪارو نٿا حاصل ڪري سگهون، اسان کي پنهنجي ڪرڻ جي نتيجن جو سامنو ضرور ڪرڻو پوندو. اللہ پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ﴿۳۸﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: هر ساهه پنهنجي ڪيل عملن ۾ گِروي آهي.
(سيپارو 29، سورةُ المدثر: 38)

معلوم ٿيو هر شخص پنهنجي عملن جي عيوض گِروي آهي، جيڪو به هن دنيا

1...ترمذی، کتاب صفة القیامة والرقائق والورع، صفحہ:590، حدیث:2492۔

۾ پيدا ٿي ويو، ان کي قبر ۾ لھڻو ۽ پنھنجي ڪرتوتن جو بدلو ڀوڳڻو آھي.

| | |
|---|---|
| بونے والے جو بوئیں وہ کاٹیں | یہ ہوا تو میں مَر مِٹا یاربّ! |
| آہ جو بو چکا ہوں وقتِ دِرَو (کٹائی کے وقت) | ہو گا حسرت کا سامنا یاربّ! |
| مجھے دونوں جہاں کے غم سے بچا | شاد رکھ شاد دائما یاربّ!(1) |

## صندوق ۾ باھ ڀڙڪي پئي

**چون ٿا:** ھڪ بادشاھ ھو، ان جو جڏھن آخري وقت آيو تہ ان پنھنجي پٽن کي گھرائي ھڪ عجيب وصيت ڪئي، چوڻ لڳو: جڏھن مان مري وڃان تہ لوھي تابوت ٺھرائجو، پوءِ منھنجي لاش کي ان تابوت ۾ رکي ڪري ھڪ لوھي صندوق ۾ رکي ڇڏجو، پوءِ ان صندوق کي دفن نہ ڪجو بلڪ ھڪ ڪمري ۾ ڇت سان لٽڪائي ڇڏجو تہ جيئن مان قبر جي عذاب کان محفوظ رھان (يعني ان جو مقصد ھو تہ نہ مان قبر ۾ لھندُس، نہ اتان جي تنگي ۽ وحشت جو منھن ڏسڻو پوندو، نہ ئي قبر ۾ عذاب سھڻو پوندو).

پٽن وصيت تي عمل ڪيو، جڏھن بادشاھ جو انتقال ٿي ويو تہ لوھي تابوت ٺھرايو ويو، ان جي اندر بادشاھ جي لاش کي رکي ڪري، ان تابوت کي لوھ جي ھڪ وڏي صندوق ۾ رکيو ويو، پوءِ ان صندوق کي زنجير وغيره جي ذريعي ڪمري ۾ لٽڪائي ڪري ڪمرو بند ڪيو ويو. ھاڻي جڏھن رات ٿي تہ اوچتو ڪمري مان ڪجھ آوازَ اچڻ لڳا، پٽَ ڪمري ڏانھن ڊوڙيا، دروازو کولي ڏٺائون تہ صندوق لُڏي رھي ھُئي، انھن صندوق کي ھيٺ لاٿو، کوليائون تہ ھي ڏسي ڪري حيران ٿي ويا تہ صندوق جي اندر تابوت آھي، ان تابوت جي اندر بادشاھ جي لاش مٿان ھڪ خوفناڪ نانگ ويٺو آھي ۽ ان جي ڇھري کي ڏنگي رھيو آھي، (ظاھري طور حيران ٿيڻ جي ڳالھ ھئي جو صندوق جي اندر وڃڻ جو ڪو رستو ڪو

1...ذوقِ نعت، صفحہ:86 ملتقطًا۔

سوراخ ناهي، تڏهن بہ اهو نانگ اندر ڪيئن هليو ويو....!! بهرحال!) **بادشاھ جي پٽن ان نانگ کي ٻاهر ڪڍي ڪري ماري ڇڏيو، صندوق کي ٻيهر بند ڪيو ۽ ٻهرين وانگر ڪمري ۾ لٽڪائي ڇڏيو.**

**هيءَ رات تہ جيئن تيئن گذري وئي، اڳئين رات جو وري ڪمري مان آواز اچڻ لڳا، پٽن وري ڪمرو کوليو، ڏٺائون تہ صندوق لُڏي رهي آهي، تنهنڪري صندوق لاٿي وئي، هاڻي کولي ڏٺائون تہ ٻهريان واري نانگ کان بہ وڏو نانگ بادشاھ جي سيني تي ويٺو هو، وڏي حيراني ٿي، انهن وري ان نانگ کي ٻاهر ڪڍيو ۽ ماري ڇڏيو، صندوق وري بند ڪري لٽڪائي وئي.**

**هيءَ ٻي رات بہ جيئن تيئن ڪري گذري وئي. ٽئين رات ٿي، ڪمري مان وري آواز اچڻ شروع ٿيا، پٽن دروازو کوليو، صندوق هيٺ لاهي ڪري کولي ڏٺائون تہ** (خوف سبب انهن جا هوش اڏري ويا جو) **لوهي صندوق آهي، ان جي اندر هڪ تابوت آهي، ٻاهران صندوق بلڪل صحيح سلامت آهي پر ان تابوت جي اندر خوفناڪ باھ ٻڙڪي رهي آهي. هي خوفناڪ منظر ڏسي ڪري اهي سمجهي ويا تہ قبر جي عذاب کان هرگز ڇوٽڪارو ناهي، تنهنڪري انهن بادشاھ جي لاش کي باقاعده قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيو.**[1]

بحرِ غفلت یہ تیری ہستی نہیں | دیکھ جنّت اس قدر سستی نہیں
راہ گزر دنیا ہے یہ بستی نہیں | جائے عیش و عشرت و مستی نہیں

ایک دن مرنا ہے، آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

ہو رہی ہے عمر مثلِ برف کم | چپکے چپکے، رفتہ رفتہ، دم بدم

1...سلوة العارفين،جلد: 2، صفحہ: 231۔

سانس ہے اک راہ روئے ملکِ عدم | دفعتاً اک روز یہ جائے گا تھم

ایک دن مرنا ہے، آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن | قبر میں ہوگا ٹھکانہ ایک دن
منہ خدا کو ہے دکھانا ایک دن | اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن

ایک دن مرنا ہے، آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

آخرت کی فکر کرنی ہے ضرور | جیسی کرنی، ویسی بھرنی ہے ضرور
عمر اک دن یہ گزرنی ہے ضرور | قبر میں میت اترنی ہے ضرور

ایک دن مرنا ہے، آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے، آخر موت ہے

## برزخ ڇا کي چوندا آهن...؟

بادشاهه جنهن جو اسان واقعو پڙهيو، ان کي دوکو ٿيو، اهو هي سمجهي وينو هو ته مان قبر ۾ دفن نه ٿيندس ته پنهنجي گناهن جي سزا کان بچي ويندُس، حالانڪ ائين هرگز ناهي، برزخ ته موت کان وٺي ڪري قيامت قائم ٿيڻ جي وقت تائين جو نالو آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَمِنْ وَّرَآىٕهِمْ بَرْزَخٌ اِلٰى یَوْمِ یُبْعَثُوْنَ ﴿۱۰۰﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن جي اڳيان هڪ پردو آهي ان ڏينهن تائين جنهن ڏينهن اهي اٿاريا ويندا (سيپارو 18، المؤمنون: 100)

❁ هاڻي هي (يعني موت کان قيامت تائين جو عرصو) مٿي جي هينئان گذريو ته اها قبر آهي ❁ ڪنهن کي شينهن وغيره جانور چيري کائي ويو ته اها ان جي قبر شُمار ٿيندي ❁ ڪو سمنڊ ۾ ٻڏي ڪري مري ويو ته اها ئي قبر سمجهي ويندي ❁ مطلب ته مرڻ کان بعد انسان جتي به آهي ❁ جهڙيءَ به حالت ۾ آهي، الله پاڪ هي قدرت رکي ٿو ته ان کي ان جي عملن جي جزا يا سزا ڏي. تنهنڪري عالَمِ برزخ به حق آهي ۽ اتان جي جزا يا سزا جو معاملو به بلڪل حق، سچ آهي.

آخرت کی فکر کرنی ہے ضرور
عمر اک دن یہ گزرنی ہے ضرور

جیسی کرنی، ویسی بھرنی ہے ضرور
قبر میں میت اترنی ہے ضرور

## عالَمِ برزخ دنياوي زندگي جو نتيجو آهي

اي عاشقانِ رسول! عالَمِ برزخ ۾ اسان کي قيامت تائين رهڻو آهي، اتي هر هڪ جو نڪاڻو ان جي دنياوي ڪيل عملن جي مطابق هوندو، جيڪو هن دنيا ۾ نيڪ آهي، ان کي برزخ جي زندگي ۾❁ عزت ❁ عظمت ❁ ۽ سڪون ۽ راحت سان نوازيو ويندو ۽ جيڪو هن دنيا ۾❁ گناهگار آهي❁ نمازون قضا ڪرڻ وارو آهي ❁ رمضانُ المبارڪ جا روزا ڇڏڻ وارو آهي ❁ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارو آهي ❁ مسلمانن کي تڪليف پهچائڻ وارو آهي❁ ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارو يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ وارو آهي❁ وياج جي ڏي وٺ ڪرڻ يا خريد و فروخت ۾ دوکو ڪرڻ وارو آهي، برزخ جي زندگي ۾ ان جو حال نهايت بُرو ٿيندو. هاءِ! جيڪڏهن الله پاڪ جي رحمت کان محروم رهجي وياسين ته قبر ۾ باهه به ڀڙڪي سگهي ٿي، نانگ وڇون به اچي سگهن ٿا، اسان جو هي خوبصورت جسم ڪيڙن ماڪوڙن جي خوراڪ به بڻجي سگهي ٿو. الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِىْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جنهن منهنجي ياد ڪان منهن ڦيريو پوءِ بيشڪ ان جي لاءِ تنگ زندگي آهي (سيپارو: 16، طٰه: 124)

صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الله بن مسعود رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هن آيتِ ڪريمه ۾ تنگ زندگي مان مُراد قبر جو عذاب آهي[1] يعني ❁ جيڪو هن دنيا ۾ گنهگار آهي ❁ جيڪو الله پاڪ جي ذڪر کان ❁ قرآن و سنّت کان ❁ نيڪ ڪمن کان ❁ نماز روزن کان منهن موڙيندو آهي ان جي لاءِ قبر ۾ تنگ زندگي هوندي.

## ست مُنڍين وارا خوفناڪ نانگَ

صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن نبين جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي آيتِ ڪريمه پڙهي:

وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِىْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جنهن منهنجي ياد ڪان منهن ڦيريو پوءِ بيشڪ ان جي لاءِ تنگ زندگي آهي (سيپارو: 16، طٰه: 124)

پوءِ فرمايائون: ڇا توهان ڄاڻيو ٿا تنگ زندگي ڇا آهي؟ صحابهءِ ڪرام رضی اللہ عنہم عرض ڪيو: اَللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم الله پاڪ ۽ ان جا پيارا رسول (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ئي بهتر ڄاڻين ٿا. فرمايائون: هن مان مراد قبر جو عذاب آهي، جيڪو ڪافرن کي ڏنو ويندو. ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! قبر ۾ غير مُسلمن تي 99 تِنِّيَن مسلط ڪيا ويندا. ڇا توهان ڄاڻيو ٿا تِنِّيَن ڇا آهي؟ هي 99 نانگَ هوندا،

1... تفسير بغوی، پاره:16،سورۀ طٰہٰ، زيرِ آيت:124، جلد:3، صفحہ:145۔

انهن مان هر هڪ نانگُ ست مُنڍين وارو هوندو. هي 99 نانگَ قيامت تائين ڏنگيندا رهندا.[1]

الله اڪبر! پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور فرمايو! ڪيڏو هولناڪ منظر هوندو...!! ستن منڍين وارو خوفناڪ نانگ ۽ صرف هڪ به نه بلڪ ڪُل 99 نانگ هوندا، الله! الله! هي ڪيتري قدر خوفناڪ منظر آهي. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. يقين ڪيو! قبر جو معاملو آسان ناهي.

## قبر پهرين منزل آهي

منقول آهي: قبر روزانو 7 ڀيرا پڪاريندي ۽ هي اعلان ڪندي آهي: ❁ اي ڪمزور انسان! مون وٽ اچڻ کان پهريان ئي هن ئي دنيا ۾ پاڻ تي رحم ڪر، بيشڪ جڏهن تون مون وٽ ايندي ته جيڪڏهن تون پنهنجي ربَّ جو فرمانبردار هوندي ته مان توتي رحم ڪنديس، تون مون ۾ خوشي ڏسندي ۽ جيڪڏهن تو پاڻ تي رحم نه ڪيو، مان به توتي رحم نه ڪنديس ❁ (اي ڪمزور انسان!) ❁ مان ڪيڙن ماڪوڙن جو گهر آهيان ۽ ان سان گڏوگڏ ڏکهي عرصي تائين شرمندگي به آهي ❁ مان وحشت ۽ اڪيلائي جو گهر آهيان، ان سان گڏوگڏ شدّت ۽ سختي به آهي❁ مان اُڃ جو گهر آهيان، ان سان گڏوگڏ هولناڪ انڌيرو به آهي ❁ مان تنگي جو گهر آهيان، ان سان گڏوگڏ خوفناڪ وڇون به آهن. ❁ اي ابنِ آدم! خبردار! توکي دنياوي زندگي دوکي ۾ نه وجهي! بيشڪ توکي مون ۾ اچڻو آهي ❁ مان آخرت جي منزلن ۾ پهرين منزل آهيان، جيڪڏهن تو مون کان نجات ماڻي ته هر خوفناڪ مرحلي کان نجات ماڻي وٺندين. ❁ اي ابنِ آدم! مان غضب جو مقام آهيان❁ مان ڪنهن جوان جي جواني تي❁ ڪنهن ننڍي جي ننڍي هجڻ تي ۽ ڪنهن پوڙهي جي پوڙهائپ تي رحم ناهيان ڪندي. ها! ها! مان ان تي رحم

1... اهوال القبور، الباب السادس فى ذكر عذاب...الخ، فصل انواع عذاب القبر، صفحه:95۔

ناهيانِ ڪندي جيڪو پنهنجي حال تي رحم ناهي ڪندو.[1]

قبر روزانہ یہ کرتی ہے پکار
مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بیشمار
یاد رکھ میں ہوں اندھیری کوٹھڑی
تجھ کو ہوگی مجھ میں سُن وَحشت بڑی
میرے اندر تُو اکیلا آئے گا
ہاں مگر اعمال لیتا آئے گا
گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا
بے عمل! بے انتہا گھبرائے گا
جب ترے ساتھی تجھے چھوڑ آئیں گے
قبر میں کیڑے تجھے کھا جائیں گے
قبر میں تیرا کفن پھٹ جائے گا
یاد رکھ نازک بدن پھٹ جائے گا
تیرا اک اک بال تک جھڑ جائے گا
خوبصورت جسم سب سڑ جائے گا(2)

## گمنام نصيحت ڪرڻ وارو

حضرت سلم بَصَري رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص ڪٿان ڪان گذري رهيو هو، ان هڪ قبر ڏٺي، ان قبر کي نهايت خوبصورتي سان ٺاهيو ويو هو. ان شخص کي قبر جي بناوت نهايت سُٺيءَ چڱي لڳي. اهو ان کي بيهي حيراني سان ڏسندو رهيو. جڏهن رات ٿي، اهو سُتو ته ان جي خواب ۾ ڪو شخص آيو، ان نصيحت ڪندي عربي جا هي شعرَ پڙهيا:

اَعۡجَبَكَ الۡقَبۡرُ و حُسۡنُ الۡبِنَاءِ
وَ الۡجِسۡمُ فِيه قَدۡ حَوَاهُ الۡبَلٰى
فَاسۡئَالِ الۡاَمۡوَات عَن حَالِهِم
يَنۡبَاكَ عَن ذَالِك ذِهَابَ الۡجَلٰى

**وضاحت:** توکي قبر ۽ ان جي خوبصورت بناوت حيرت ۾ وڌو جڏهن ته ان جي اندر رکيل جسم آفتن ۽ بلائن جي گهيري ۾ آهي، مُئلن کان ان جو حال پُڇ!

1... بُستان الواعظين، عظة للنبی، صفحہ:154۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:711-712 ملتقطًا۔

اهي توکي ٻڌائيندا تہ ان جي عزّت ۽ شوڪت ڪيڏانهن هلي وئي...!![1]

الله! الله! **پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هي حقيقت آهي مٿان ڪان قبر کي ڪيترو بہ خوبصورت بڻايو وڃي پر ان جي اندر جو حال اهو ئي ڄاڻي سگهي ٿو جيڪو ان جي اندر آهي. حضرت شيخ سلطان باهو رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا:

جِیُوندَے کِیْ جَانَنْ سَار مَوْیَاں دِیْ ۔۔۔ سَو جَانَے جَو مَر دَا ہُو
قَبْرَاں دَے وِچّ اَنْ نَہ پَانِی ۔۔۔ اَوْ تھے خَرْچ لَوڑِیْنْدَے گھر دَا ہُو
اِکْ وِچھوڑا مَاں، پِیُوْ، بھَائِیَاں ۔۔۔ دُوجا عَذَاب قَبر دَا ہُو
واہ نَصِیْب اُنْہَانْدَے بَاہُو ۔۔۔ جِہْڑا اوِچّ حیاتی مَر دَا ہُو (2)

**وضاحت:** زندھ ماڻھو قبر وارن جا حالَ ڇا ڄاڻين ھي تہ اھو ئي ڄاڻي ٿو جيڪو مري ڪري قبر ۾ لهندو آهي، قبر ۾ نہ کاڌو آهي، نہ پاڻي آهي، اتي بس پنهنجي ڪمائي ئي ڪم اچي سگهي ٿي، قبر ۾ مُردي کي ڪيئي قِسمن جا صدما هوندا آهن، ماءُ، پيءُ، ڀيڻ ڀائرن جي جُدائي جو غم الڳ آهي، پوءِ قبر جي عذاب جو خطرو جُدا ستائي رهيو هوندو آهي، خوش نصيب تہ اهو آهي جيڪو هن دنيا ۾ ئي پنهنجي خواهشن کي ماري ڪري الله ۽ رسول جو فرمانبردار بڻجي ويندو آهي.

## قبر جو معاملو آسان ناهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان پنهنجي سامهون ماڻھن کي مرندي ڏٺو هوندو پر ياد رکو! مرڻ آسان ناهي، ❁ اسان پنهنجي هٿن سان ميت کي ڪفن پارايو هوندو، ڪفن پارائڻ آسان آهي، پر پائڻ آسان ناهي، ❁ اسان جنازي کي ڪلهو ڏنو هوندو پر جنازي جي کٽ تي سمهي ڪري 4 ڪلهن تي سوار ٿيڻ آسان ناهي، اسان ڪيئي ماڻهن کي قبرن ۾ لاٿو هوندو ياد رکو! قبر ۾ لاهڻ آسان آهي پر قبر ۾

1.. موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب ا لقبور، جلد:6، صفحہ:120، رقم:267۔
2.. کلامِ باہو، صفحہ:34۔

لهڻ آسان ناهي. معاملو واقعي تمام ڏکيو آهي.

ٿورو تصور تہ ڪيو! جيئن ڪجھ جي دير ۾ ڪندن واري تاري رکي ڪري اوچتو جهٽڪي سان ڇڪي وجي، ائين ئي اسان جي جسم مان روح ڇڪيو ويندو، اسان جي جسم جو هر حصو درد ۽ تڪليف ۾ هوندو، تڪليف بہ ڪهڙي..؟ هڪ هزار تلوارن جي وارَ کان وڌيڪ سخت...!! پوءِ ان بيوسي جي حالت ۾ اسان جو ڪو حال بہ پڇڻ وارو نہ هوندو، اسان جا ❁ ماءُ پيءُ، ❁ اولاد، ❁ پيڻ ڀاءُ، ❁ عزيز رشتيدار، ❁ اسان جا ناز نخرا ڪڻڻ وارا مٿن کان بيٺا هوندا، ❁ ڪوبہ اسان جي مدد نہ ڪري سگهندو، ❁ سڀ ڏسندا ئي رهجي ويندا، ❁ اسان ڪنهن کي پنهنجو ڏکُ بہ بيان نہ ڪري سگهنداسين، هاءِ! اسان جي چؤطرف رڙيون ۽ دانهون ٿي رهيون هونديون ۽ اسان ڪنهن سان ڳالهائي بہ نہ سگهنداسين، ❁ اسان جو مال، اسان جي دولت، ❁ اسان جو بينڪ بيلنس، ❁ اسان جون ڪارون، ❁ اسان جا گهر، ❁ اسان جا بنگلا، ❁ اسان جي طاقت ۽ قوت، ❁ اسان جو عهدو ۽ منصب، ❁ اسان جون ڊگريون سڀ ڪجھ ائين بيڪار رهجي ويندو، ❁ اسان جي جسم تي ويڙهيل ڪپڙا بہ لاٿا ويندا، ❁ خالي ڪفن پارايو ويندو، ❁ پوءِ اسان جا چاهڻ وارا، ❁ ناز نخرا ڪڻڻ وارا، ❁پاڻ پنهنجي ڪلهن تي کڻي ڪري سوڙهي ۽ اونداهي قبر ۾ ليٽائي، ❁ پنهنجي هٿن سان مٽي جا مَڻ وجهي ڪري واپس موٽي ايندا، ❁ اسان انهن جي قدمن جو آواز ٻڌي رهيا هونداسين پر انهن کي پڪاري نہ سگهنداسين، افسوس! ❁ هي تڪليف اهڙي تڪليف جو پهريان ڪڏهن بہ نہ پهتي هوندي، ❁ هيءَ تنهائي، اسان اهڙي تنهائي پهريان نہ ڏٺي هوندي، ❁ هي وحشت جو اهڙي وحشت اسان ڪڏهن نہ ڏٺي هوندي، صرف هيستائين بَس ناهي...!! ❁ اجان هي صدمن تي صدما گذري ئي رهيا هوندا، ❁ نئين گهر ۾ اجان اڃي ڪجھ ترسيا ئي نہ هونداسين، ❁ اجان ان اڪيلائي جي عادت بہ نہ ٿي هوندي،❁ روح نڪرڻ

جي تڪليف ۾ گهٽتائي بہ نہ ٿي هوندي تہ اوچتو قبر جون ديوارون لڏڻ لڳنديون، 2 ملائڪ قبر جي ديوارن کي چيريندي قبر ۾ اچي ويندا ۽ سخت لهجي ۾ اسان کان سوال ڪندا، افسوس! جيڪڏهن اسان انهن سوالن جا صحيح جواب نہ ڏئي سگهياسين، هاءِ! افسوس! جيڪڏهن اسان قبر جي امتحان ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهياسين تہ اسان جي قبر ۾ جهنّم جي باهہ ڀڙڪائي ويندي، عذاب مُسلط ڪيو ويندو، هاءِ! اسان جو ڇا ٿيندو؟ ڪيڏانهن ويندا سين؟ ڪنهن کي مدد جي لاءِ پڪاريندا سين؟

## قبر جي عذابن جا هولناڪ مناظر

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** قبر جو معاملو نهايت ڏکيو آهي، خوشنصيب آهي اهو جيڪو قبر ۾ پُر سڪون رهيو ۽ جنهن جي قبر ۾ پڪڙ ٿي وئي، اهو تمام گهڻي نقصان ۾ آهي. عالمِ برزخ ۾ گنهگارن کي ڪيتري قدر سخت عذابَ ٿيندا آهن، اچو! عبرت جي لاءِ ڪجهہ روايتون ٻڌون ٿا:

## گناهن جي عذابن جو نقشو

مسلمانن جا چوٿان خليفہ اميرُ المؤمنين حضرت عليُ المرتضيٰ رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي ڪريم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم هڪ ڏينهن نمازِ فجر پڙهائي ڪري اسان جي طرف متوجهہ ٿيا ۽ ارشاد فرمايائون: رات مون وٽ 2 ملائڪ حاضر ٿيا ۽ مون کي آسمانِ دنيا ڏانهن وٺي ويا ❁ مون هڪ ملائڪ ڏٺو، جنهن جي هٿ ۾ وڏو پٿر هو ۽ ان جي سامهون هڪ ماڻهو هو ملائڪ پٿر ان جي مٿي تي هڻي رهيو هو جنهن سان دماغ نڪري ڪري هڪ پاسي وڃي ويندو هو ۽ پٿر ٻي پاسي ترڪي ويندو هو، مون پڇيو: هي ڪير آهي؟ ملائڪن چيو: اڳتي تشريف وٺي هلو. ❁ اڳتي بہ هڪ ملائڪ کي ڏٺو جيڪو پنهنجي سامهون ويٺل ماڻهوءَ جي ڪڏهن ساڄي ۽ ڪڏهن کاٻي ڄاڙي کي لوهي شِيخَ سان چيريندي ڪن تائين آڻي رهيو هو، مون چيو: هي ڪير آهي؟ ملائڪ چيو: اڳتي تشريف وٺي هلو.

❁ مان اڳتي وڌيس تہ رت جي هڪ نهر ڏٺم جيڪا ديڳڙي جيان اُبري رهي هئي، ان ۾ بي لباس ماڻهو هئا ۽ نهر(شاخ) جي ڪنارن تي ملائڪ پنهنجي هٿن ۾ مٽيءَ جا پٿَر کنيو بيٺا هئا جيڪو بہ نهر مان ٻاهر ڏسي پيو تہ هُو ان کي پٿَر هڻن پيا جنهن سان اهو واپس نهر ۾ ڪِرندو ايستائين جو ان جي تَري ۾ پهچي وڃي پيو، مون پڇيو: هي ڪير آهن؟ ملائڪن چيو: اڳتي هلو ❁ مان اڳتي وڌيس تہ هڪ گهر ڏٺو جنهن جو هيٺيون حصو مٿين حصي کان وڌيڪ سوڙهو هو، ان ۾ بہ بي لباس ماڻهو هئا جن جي هيٺان باھ ٻرڪي رهي هئي ۽ ايتري ڏپَ اچي رهي هئي جو مون ان کان بچڻ جي لاءِ پنهنجو نڪ پڪڙيو ۽ پڇيو: هي ڪير آهن؟ ملائڪن چيو: اڳتي تشريف وٺي هلو. ❁ اڳتي وڌيس تہ ڏٺو تہ هڪ ڪاري ڍيرَ تي ڪجهہ چريا ماڻهو آهن ۽ انهن جي پوئين مقام ۾ باھ ڦوڪي وڃي رهي آهي جيڪا انهن جي وات، نڪ، اکين ۽ ڪنن مان نڪري رهي آهي، مون پڇيو: هي ڪير ماڻهو آهن؟ مون کي چيو ويو. اڳتي هلو. ❁ مان اڳتي وڌيس تہ باھ سان ڀريل هڪ زمين جي اندر قيدخانو ڏٺو جنهن تي هڪ ملائڪ مقرر هو، ان باھ مان جيڪو بہ نڪرندو هو ملائڪ ان جي پٺيان ويندو هو ايستائين جو ان کي واپس اتي ئي وڃي ڇڏيندو هو.

آخر ۾ مون کي انهن تمام هولناڪ منظرن جي باري ۾ ٻڌايو ويو تہ اهو (پهريون) شخص جنهن جو مٿو پٿر سان چٿريو پئي ويو جو دماغ هڪ پاسي ۽ پٿر ٻئي پاسي تِرڪي پئي ويو، **هي اهو آهي جيڪو عشاء جي نماز نہ پڙهندو هو ۽ ٻيون نمازون وقت ٽاري ڪري پڙهندو هو ان کي جهنّم ۾ وڏو وچڻ تائين ائين ئي ماريو ويندو** ۽ اهو (ٻيو شخص) جنهن جون ڄاڙيون لوهي شِيخَ سان چيريون پئي ويون هي انهن ماڻهن جو عذاب آهي جيڪي مسلمانن جي درميان فساد ڦهلائيندا ۽ چغلخوري ڪندا هئا، انهن کي بہ هي عذاب مسلسل ٿيندو رهندو ايستائين جو جهنّم ۾ وڃا ويندا ۽ اهو (ٽيون منظر جتي تو بي لباس ماڻهن کي ڏٺو اهي) بي لباس ماڻهو بدڪار هئا ۽ جيڪا ڏپَ اچي رهي هئي اها انهن جي شرم

گاهن جي هئي، انهن کي بہ جهنّم ۾ وجڻ تائين هي عذاب ڏنو ويندو ۽ (چوٿين منظر ۾) جيڪي ڇريا ماڻهو اوهان ڏٺا اهي قومِ لوط جهڙو خراب ڪم ڪرڻ ۽ ڪرائڻ وارا هئا، اهي بہ جهنّم ۾ وڃڻ تائين ان عذاب ۾ گرفتار رهندا ۽ (پنجين مقام تي اهو) باھ سان ڀريل زمين اندر قيد خانو جهنّم هو.[1]

## دردناڪ عذابات

حضرت ابو سعيد خُدري رضي الله عنه کان روايت آهي، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: منهنجو گذر هڪ اهڙي دسترخوان وٽان ٿيو جنهن تي ڀُڳل گوشت هو پر اتي ڪير بہ نہ هو ۽ سامهون ٻئي دسترخوان تي سڙيل بدبودار گوشت هو جنهن کي ڪوڙ ماڻهو کائي رهيا هئا، مون پڇيو: جبريل هي ڪير ماڻهو آهن؟ انهن ٻڌايو تہ هي اوهان جي اُمّت جا اهي ماڻهو آهن جيڪي حلال کي ڇڏي ڪري حرام ڏانهن وڌندا هئا، پوءِ مان اڳتي وڌيس تہ اهڙا ماڻهو ڏٺا جن جا پيٽ ڪوٺين جيان وڏا وڏا هئا، انهن مان ڪو اٿڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ منهن پر ڪِري پوندو هو ۽ چوندو هو: اي منهنجا ربّ! قيامت قائم نہ فرماءِ. مون بارگاهِ الاهي ۾ انهن جون دانهون ٻڌيون تہ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇيو هي ڪير ماڻهو آهن؟ چيائين: هي اوهان جي اُمّت جا وياج کائيندڙ آهن.❁ پوءِ ڪجھ اڳتي وڌيس تہ اهڙا ماڻهو نظر آيا جن جا چپَ اُٺ جي چپن جيان هئا ۽ انهن جا وات کولي ڪري انهن کي ٽانڊا کارايا پئي وياء مون پڇيو: هي ڪير آهن؟ انهن چيو: هي اوهان جي امّت جا اهي ماڻهو آهن جيڪي ناحق يتيمن جو حق کائيندا هئا. پوءِ اڳتي هلي ڪري ڪجھ عورتون ڏٺيون جيڪي پنهنجي سينن سان لڙڪيل هيون، منهنجي پڇڻ تي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ٻڌايو تہ هي زاني عورتون آهن. پوءِ اڳتي وڌيس تہ اهڙا ماڻهو ڏٺا جن جي رانن مان گوشت ڪٽي ڪري انهن کي کارايو وڃي رهيو هو ۽ چيو وڃي رهيو هو: کائو جهڙيءَ طرح پنهنجي ڀاءُ جو گوشت کائيندا هئا. مون انهن جي باري ۾ پڇيو تہ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ٻڌايو:

1...تاريخ دِمشق، جلد:19، صفحہ:451۔

هي غيبت ڪرڻ، عيب ڪيڻ وارا آهن.[1]

## حرام ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو عذاب

حضرت ابو اُمامہ رضی اللہ عنہ کان مروي آهي تہ هڪ ڏينهن فجر جي نماز کان پوءِ سرڪارِ مدينہ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ارشاد فرمايو: مون هڪ خواب ڏٺو آهي ۽ اهو حق آهي تنهنڪري ان کي سٺي طرح سمجهو. هڪ اچڻ وارو آيو ۽ منهنجو هٿ پڪڙي ڪري هڪ وڏي جبل ڏي وٺي ويو ۽ چيائين: هن تي چڙهو. سو مان ۽ اهو جبل تي چڙهياسين ❁ پوءِ اسان اڳتي هلياسين تہ ڪجھ مرد ۽ عورتون نظر آيون جن جون واڇون چيريل هيون، منهنجي پڇڻ تي ان ٻڌايو: هي اهي ماڻهو آهن جو اهڙي ڳالھ چوندا هئا جنهن تي پاڻ عمل نہ ڪندا هئا ❁ اسان اجان اڳتي هلياسين تہ اهڙن مردن ۽ عورتن کي ڏٺو جن جي اکين ۽ ڪنن ۾ ڪوڪا ٺوڪيل هئا، منهنجي پڇڻ تي ٻڌايو ويو تہ انهن جون اکيون اهو ڪجھ ڏسنديون هيون جيڪو نہ ڏسڻ گهرجي ۽ ڪن اهو ٻڌندا هئا جيڪو نہ ٻڌڻ گهرجي. ❁ پوءِ ڪجھ اڳتي هلياسين تہ اهڙيون عورتون ڏٺيون جن کي پيرڻين جي هڏين سان ٻڌي ڪري اونڌو لٽڪايو ويو هو ۽ نانگ انهن جي سينن کي ڏنگي رهيا هئا، ٻڌايو ويو تہ هي عورتون پنهنجي ٻارن کي کيرُ نہ پياريندي‌ون هيون. ڪجھ اجان اڳتي هلياسين تہ مردن ۽ عورتن کي اونڌو لٽڪيل ڏٺو جيڪي گرم پاڻي چَٽي رهيا هئا، منهنجي پڇڻ تي گڏ واري ٻڌايو تہ هي روزا رکي ڪري وقت کان پهريان ئي افطار ڪري وٺندا هئا. ❁ پوءِ اڳتي وڌياسين تہ اهڙا مرد ۽ عورتون نظر آيون جيڪي نهايت ئي بدصورت، گندو لباس پهريل ۽ بدبودار هيون. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايو ويو تہ هي زاني مرد ۽ زاني عورتون آهن. ❁ پوءِ تمام گهڻو سُڪل ۽ نهايت بدبودار مردن وٽان گذر ٿيو، پڇيو: هي ڪير آهن؟ ٻڌايو ويو: هي ڪافر مرده آهن.[2]

---

1.. .دلائل النبوة ، باب الدليل على ان النبى عرج بہ الاسماء ...الخ ،جلد:2، صفحہ:390-393ملتقطاً ۔
2.. . معجم ڪبير، جلد:4، صفحہ:285، حديث:7563 ۔

الله اڪبر! **پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هنن روايتن تي ٿورو عبرت جي نگاهه سان غور فرمايو! ڪيتري قدر هولناڪ منظر آهن، ڪٿي اهو شخص آهي جنهن جو مٿو پٿر سان چٿريو پيو وڃي ❁ ڪنهن جون ڇاڙيون لوهه جي سِيخَ سان چيريون پيون وڃن ❁ ڪجهه کي ديڳڙي جيان ابرندڙ پاڻي جي نهر ۾ غوطا ڏنا پيا وڃن ❁ ڪنهن جي جسم ۾ باهه ڦوڪي پئي وڃي ❁ ڪجهه کي سڙيل، بدبودار گوشت کارايو پيو وڃي ❁ ڪجهه کي ٽانڊا کارايا پيا وڃن ❁ ڪجهه اهڙا آهن جو انهن جي راڻُن مان گوشت ڪٽي ڪري انهن کي کارايو پيو وڃي. ڇا هي اهڙا عذابَ آهن جن کي اسان برداشت ڪري سگهنداسين...!! هاءِ! ڪنهن ۾ همّت آهي، ڪير اهڙي طاقت رکي ٿو...!! پر افسوس! ❁ اسان سڌرون نه ٿا ❁ اسان ڊڄون نه ٿا ❁ گناهه ۽ نافرماني جي ڳالهه هجي ❁ عيش عشرت ۽ فضول ڪمن(***Useless Activities***) جي ڳالهه هجي ته اڄ ۽ هاڻي ئي تيار آهيون جيڪڏهن توبهه جي ڳالهه اچي وڃي ته نتائڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهيون. ڪاش! اسان کي خوفِ خُدا نصيب ٿي وڃي، ڪاش! قبر و آخرت جو فڪر نصيب ٿي وڃي.

| | |
|---|---|
| ياخدا ميری مغفرت فرما | باغِ فردوس مرحمت فرما |
| تُو گناہوں کو کر مُعاف الله! | ميری مقبول معذِرت فرما |
| مصطفٰے کا وسیلہ توبہ پر | تُو عنايت مُداوَمت فرما |

## قبر جنّت جو باغ يا دوزخ جو کڏو هوندي

حضرت ابو سعيد خُدري رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صلّى الله عليهِ وآلهٖ وسلَّم فرمايو: لذتن کي ختم ڪرڻ واري موت کي ڪثرت سان ياد ڪيو ڇوته قبر روزانو پڪاري ڪري چوندي آهي: ❁ مان اَجْنَبِيت جو گهر آهيان، ❁ مان اڪيلائي جو گهر آهيان، ❁ مان مٽيءَ جو گهر آهيان ❁ ۽ مان

کيڙن ماڪوڙن جو گهر آهيان. جڏهن مومن کي قبر ۾ دفنايو ويندو آهي تہ قبر ان کي چوندي آهي: پليڪار تون منهنجي پُٺيءَ تي هلڻ وارن مان مون کي محبوب ترين هئين ۽ هاڻي تون منهنجي اندر اچي ويو آهين، هاڻي تون منهنجو حُسنِ سلوڪ ڏس، پوءِ قبر ان جي لاءِ حدِ نگاهہ تائين ڪشاده ٿي ويندي آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت جو دروازو کوليو ويندو آهي ۽ جڏهن ڪو گنهگار يا ڪافر شخص دفن ڪيو ويندو آهي تہ قبر چوندي آهي: توکي ڪا پليڪار ناهي، تون منهنجي پُٺيءَ تي هلڻ وارن مان منهنجي ويجهو بدترين شخص هئين ۽ هاڻي تون منهنجي اندر اچي ويو آهين لهٰذا هاڻي پاڻ سان منهنجو ورتاءُ ڏس پوءِ قبر ان تي پنهنجو گهيرو سوڙهو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ان جون پاسراٽيون هڪٻئي ۾ ملي ويندڙيون آهن. وڌيڪ فرمايائون: الله پاڪ ان تي 70 وڏا نانگَ مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي جيڪڏهن انهن مان هڪ بہ زمين تي ڦونگاري(يعني ڦوڪ هڻي) تہ دنيا جي فنا ٿيڻ تائين زمين تي ڪجهہ نہ ڦُٽي، اهي نانگَ ان مُردي کي قيامت تائين ڏنگيندا رهندا.

راوي چون ٿا: پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّمَا الْقَبْرُ رَوْضَةٌ مِّنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ اَوْحُفْرَةٌ مِّنْ حُفَرِ النَّار يعني قبر جنّت جي باغن مان هڪ باغ آهي يا جهنّم جي کڏن مان هڪ کڏ.[1]

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں
کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ!

بُرائیوں پہ پَشیماں ہوں رَحم فرمادے
ہے تیرے قہر پہ حاوی تِری عطا یاربّ!

گُناہ بے عدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد
مُعاف کر دے نہ سہ پاؤں گا سزا یاربّ!

میں کرکے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں
حقیقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا یاربّ! (2)

## لڪي ڪري گناه ڪرڻ جو عذاب

حضرت عبدُ الله بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مان چنڊ جي ابتدائي راتين ۾

1... ترمذی ، كتاب صفة القيامة، صفحه:584، حديث:2460 ـ

2...وسائلِ بخشش، صفحه:78 ملتقطاً ـ

قبرستان وٽان گذريس تہ مون هڪ شخص کي قبر مان نڪرندي ڏٺو اهو زنجير ۾ جڪڙيل هو. ان زنجير جو هڪ ڇيڙو قبر ۾ هو، ان شخص کي گهليو ٿي ويو. ان شخص جي پٺيان هڪ ٻيو شخص ان زنجير کي پڪڙي بيٺو آهي

چڪي رهيو هو پوءِ مون ڏٺو تہ هڪ ٻيو شخص ان زنجير کي پڪڙي بيٺو آهي ان ٻئين ٻاهر نڪرڻ واري شخص کي پنهنجي طرف ڇڪيو ۽ ان کي قبر ۾ موٽائي ڇڏيو، پوءِ مون ان کي هڪ مُردي کي ماريندي ڏٺو ۽ مُردو چئي رهيو هو: ڇا مان نماز نہ پڙهندو هيس؟ ڇا مان جنابت کان غسل نہ ڪندو هيس؟ ڇا مان روزا نہ رکندو هيس؟ تہ ان مارڻ واري جواب ڏنو: ها! ڇو نہ (تون واقعي هي ڪم تہ ڪندو هُئين) **پر تون جڏهن اڪيلائي ۾ گناهہ ڪندو هُئين تہ ان وقت الله پاڪ کان نہ ڊڄندو هُئين.**[1]

اهڙيءَ طرح جو هڪ ٻيو واقعو حضرت ابراهيم تيمي رحمۃ اللہ علیہ بہ بيان ڪيو آهي، پاڻ فرمائن ٿا: مان موت ۽ (مرڻ کان بعد هڏين جي) ڳرڻ کي ياد ڪرڻ جي لاءِ ڪثرت سان قبرستان ۾ ايندو ويندو هيس، هڪ رات مان سمهي پيس تہ مون خواب ۾ هڪ کُليل قبر ڏٺي ۽ هڪ ٻئي چوڻ واري کي هي چوندي ٻڌو: هي زنجير پڪڙ ۽ هن جي وات ۾ داخل ڪري هن جي شرم گاهہ مان ڪڍ! تہ اهو مُردو چوڻ لڳو: اي الله پاڪ! ڇا مان قرآن نہ پڙهندو هيس؟ ڇا مان تنهنجي حرم واري گهر جو حج نہ ڪندو هيس؟ پوءِ اهو اهڙيءَ طرح هڪ هڪ نيڪي ڳڻائڻ لڳو تہ مون هڪ چوڻ واري کي هي چوندي ٻڌو: **تہ تون ماڻهن جي سامهون هي اعمال ڪندو هئين پر جڏهن تون اڪيلائي ۾ هوندو هئين تہ نافرمانين جي ذريعي مون سان اعلانِ جنگ ڪندو ۽ مون کان نہ ڊڄندو هُئين.**[2]

الله اڪبر! **اي عاشقانِ رسول!** تصور ڪيو! ڪير آهي جيڪو اهڙو نهايت خطرناڪ عذاب برداشت ڪري سگهي ٿو....!! يقيناً اسان مان ڪنهن ۾ بہ ان جي همّت نہ هوندي پر افسوس! اسان ڊڄون نہ ٿا، غفلت ۾ پوندا آهيون، سُستي ڪندا آهيون، ماڻهن کان شرمائي ڪري جيتوڻيڪ گناهہ ڇڏي ڏيون، ٻُرو ڪم ڪرڻ کان

1. . الزواجر،مقدمہ، جلد:1، صفحہ:30۔
2. . الزواجر، مقدمہ، جلد:1، صفحہ:30۔

رُڪجي وڃون پر اڪيلائي ۾ اها گناهن جي بازار گرم ٿيندي آهي جو اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ...!!

## گناهه آخر گناهه ئي آهي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** گناهه جيتوڻيڪ لِڪي ڪري ڪيو وڃي يا ماڻهن جي سامهون ڪيو وڃي، گناهه آخر گناهه ئي آهي. ۽ الله پاڪ پنهنجي نافرماني ڪرڻ وارن ٻانهن تي سخت غضب فرمائيندو آهي. غور فرمايو: هي اهي ماڻهو هئا جيڪي ظاهري طور تي ته نيڪ هئا پر لڪي ڪري گناهه ڪندا هئا ۽ هڪ اسان آهيون جو علي الاعلان گناهه ڪندا وتون ٿا ۽ ٿورو به ناهيون شرمائيندا، اسان جو ڇا ٿيندو؟ هاءِ! ٿورو سوچيو ته سهي! جيڪڏهن ائين گناهه ڪندي قبر ۾ لهي وياسين ۽ اسان تي عذاب مسلط ڪيو ويو ته اسان ڇا ڪنداسين؟ جيڪڏهن نانگ وڇُن ڪفن ڦاڙي ڪري اسان جي جسم تي قبضو ڪري ورتو ته ڪيڏانهن ويندا سين؟ قبر جون ديوارون ملڻ سان اسان جون پاسراٽيون ٽُٽي ڪري هڪٻئي ۾ ملي ويون ته ڪيتري سخت تڪليف ٿيندي؟ هڪ پٿر جي چوٽ ته برداشت ٿئي نه ٿي جيڪڏهن ملائڪن هٿوڙا هڻڻ شروع ڪيا ته انهن نازڪ هڏين جو ڇا ٿيندو؟

صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الله بن عبّاس رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: اي گناهگار! تون گناهه جي بُري انجام کان ڇو بي خوف آهين؟ حالانڪ گناهه جي طلب ۾ رهڻ گناهه ڪرڻ کان به وڏو گناهه آهي ❁ تنهنجو ساڄي، کاٻي پاسي جي ملائڪن کان حيا نه ڪرڻ ۽ گناهه تي قائم رهڻ به تمام وڏو گناهه آهي يعني توبهه ڪرڻ بنا تنهنجو گناهه تي قائم رهڻ ان کان به وڏو گناهه آهي، ❁ تنهنجو گناهه ڪري وٺڻ تي خوش ٿيڻ ۽ ٽهڪ ڏيڻ ان کان به وڏو گناهه آهي حالانڪ تون نه ٿو ڄاڻين ته الله پاڪ تو سان ڪهڙو سلوڪ فرمائڻ وارو آهي؟ ❁ ۽ تنهنجو گناهه ۾ ناڪامي تي غمگين ٿيڻ ان کان به وڏو گناهه آهي. گناهه ڪندي تيز هوا سان دروازي جو پردو هٽي

وجي تہ تون ڏجي ويندو آهين پر الله پاڪ جي ان نظر کان نہ ٿو ڏڄين جيڪا هو توتي رکندو آهي تنهنجو هي عمل ان کان بہ وڏو گناہ آهي.[1]

کب گناہوں سے کَنارا میں کروں گا یاربّ!
نیک کب اے مِرے اللہ !بنوں گا یاربّ!
کب گناہوں کے مَرض سے میں شفا پاؤں گا
کب میں بیمار مدینے کا بنوں گا یاربّ!(2)

## اڄ عمل جو وقت آهي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄان اسان زنده آهيون، اڄ اسان وٽ وقت آهي، اسان توبهہ ڪري گناہ بخشرائي سگهون ٿا، نيڪ ڪم ڪري قبر روشن ڪرڻ جو انتظام ڪري سگهون ٿا، جيڪڏهن هي ساهہ جي مالا ٽُٽي وئي، روح جسم مان ڪڍيو ويو تہ سواءِ پڇتائڻ جي ڪجهہ هٿ نہ ايندو. چون ٿا: ڪنهن مُردي کي خواب ۾ ڏٺو ويو تہ ان چيو: مَاعِنْدَكُم أَكْثَرُمِنَ الْغَفْلَةِ وَمَاعِنْدَنَا أَكْثَرُمِنَ الْحَسْرَةِ يعني توهان زنده ماڻهو نهايت غفلت ۾ آهيو ۽ اسان جيڪي قبر ۾ لهي چڪاسين، اسان نهايت ئي حسرت ۾ آهيون.[3]

## انسان جا ٻہ گهر آهن

**اي عاشقانِ رسول!** هن ڪان پهريان جو هي حسرت ۽ شرمندگي جو وقت اسان تي اچي، اسان کي گهرجي تہ قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ مصروف ٿي وڃون. حضرت عبدُالله بن عِيزار رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: ماڻهو جا 2 گهر آهن. (1): هڪ اهو گهر جيڪو زمين جي مٿان آهي (2): ٻيو اهو گهر جيڪو زمين جي اندر آهي. ماڻهو زمين جي مٿان واري گهر کي سجائڻ سنوارڻ ۾ لڳل رهندو آهي، ان ۾

1.. . الزواجر، مقدمہ، جلد:1، صفحہ:26۔
2.. .وسائلِ بخشش، صفحہ:84۔
3.. .اھوال القبور، الباب السادس فی ذکر عذاب...الخ، فصل ماجاء فی الکشف...الخ، صفحہ:68۔

سردي گرمي کان بچڻ جو انتظام ڪندو آهي پر ان فڪر ۾ زمين جي اندر واري گهر کي خراب ڪري ويهندو آهي، پوءِ ان وٽ اچڻ وارو اچي ويندو آهي (يعني ان جي موت جو وقت ٿي ويندو آهي)، ان کي چيو ويندو آهي: ٿورو ٻڌاءِ ته هي گهر جنهن کي تو تمام گهڻو سجايو سينگاريو، ان ۾ گهڻو عرصو رهندين؟ ٻانهو چوندو آهي: مان نه ٿو ڄاڻان...!! پوءِ چيو ويندو آهي: ۽ جنهن گهر کي تو خراب ڪري ڇڏيو (يعني قبر) ان ۾ ڪيترو عرصو رهڻو آهي، ٻانهو چوندو آهي: اهو ئي ته اصل نڪاڻو آهي. هاڻي چيو ويندو آهي: **تون هن ڳالهه جو اقرار به ڪري رهيو آهين (پوءِ به تو قبر جي لاءِ ڪجهه ناهي ڪيو) ڇا تون عقلمند** آهين...!![1]

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** حقيقت اها ئي آهي، اسان هن دنيا ۾ ڪيترو عرصو آهيون، اسان کي خبر ناهي، جلد، تمام جلد اسان کي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو، پوءِ اسان کي اتي قيامت تائين رهڻو آهي، عقلمند اهو ئي آهي جيڪو هن دنيا ۾ رهي ڪري قبر جي تياري ڪندو آهي، جيڪو هي ناهي ڪندو بلڪ دنيا جي رنگينن ۾ گُم رهندو آهي، اهو نهايت بدنصيب آهي، عنقريب ان کي سخت مشڪلات جو منهن ڏسڻو پوندو.

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار
تُو اچانک موت کا ہو گا شکار

موت آ کر ہی رہے گی یاد رکھ!
جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!

گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے
قبر میں تنہا قِیامت تک رہے

جب فِرِشتہ موت کا چھا جائے گا
پھر بچا کوئی نہ تجھ کو پائے گا

کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

## قبر کي روشن ڪرڻ وارا ڪمَ

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان تي لازم آهي ته قبر کي روشن ڪرڻ وارا ڪم ڪيون

1.. اهوال القبور، الباب الثالث عشر فی ذکر کلمات...الخ، صفحہ:244۔

۾ قبر ۾ عذاب جو سبب بڻجڻ وارن ڪمن کان بچندا رهون. مثال طور ❁ قبر کي روشن ڪرڻ جي لاءِ سڀ کان پهرين شيءِ عقيدو آهي. ❁ الله پاڪ جي متعلق ❁ ان جي رسولن جي متعلق ❁ صحابہ و اهلبيت جي متعلق ❁ اولياءِ ڪرام جي متعلق اسان جو عقيدو بلڪل درست ۾ قرآن و سنّت جي مطابق هجڻ گهرجي ❁ ان سان گڏوگڏ اسان نيڪ ڪم بہ ڪندا رهون ❁ پنج ئي نمازون وقت تي، مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ جي عادت بڻايون ❁ جيترا فرائض ۾ واجبات آهن، انهن تي عمل ڪيون ❁ زڪوات فرض هجي تہ ادا ڪيون ❁ روزا رکون ❁ ماڻهن سان حسنِ سلوڪ سان پيش اچون ❁ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪثرت سان ڪريون ❁ دُرودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريون ❁ ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪريون. ان کان علاوه بہ جيڪي نيڪ ڪمَ آهن، انهن ۾ دل لڳائي رکون اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عذابِ قبر کان نجات جو سامان ٿي ويندو.

## صدقو قبر کي روشن ڪندو آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** قبر جي اونداهي کي روشني ۾ ۽ قبر جي وحشت کي اطمينان ۽ سڪون ۾ بدلائڻ جي لاءِ هڪ نيڪ عمل الله پاڪ جي راهه ۾ صدقو ڪرڻ بہ آهي، فرمانِ مصطفٰي آهي: اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ عَلٰى اَهْلِهَا حَرَّ الْقُبُوْرِ يعني بيشڪ صدقو ڪرڻ وارن کي صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي وَاِنَّمَا يَسْتَظِلُّ الْمُؤْمِنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيْ ظِلِّ صَدَقَتِهٖ ۽ بنا شڪ جي مسلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو.[1]

لهٰذا صدقو ڏيڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. صدقو ڏيڻ جا ڪوڙ فضائل آهن: ❁ صدقو برائين جا 70 دروازا بند ڪندو آهي ❁ صدقو ڏيڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي

1... شُعَبُ الايمان،باب فی الزکاۃ، فصل التحریض ...الخ، جلد:3 ،صفحہ:212، حدیث:3347۔

صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو ۞ صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي ۞ صدقو گناهن کي ائين مِٽائي ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي باهه کي وِسائي ڇڏيندو آهي ۞ صدقو آفتن، بلائن کي روڪيندو آهي ۞ صدقو عمر کي وڌائيندو آهي ۞ صدقو بُري موت ۽ بُري خاتمي کان بچائيندو آهي ۞ صدقو الله پاڪ جي غضب کي وسائيندو آهي ۞ صدقو رزق ۾ وسعت ۽ مال جي ڪثرت جو باعث بڻجندو آهي ۞ صدقو غربت ۽ ناداري کي ختم ڪندو آهي.[1]مطلب ته! صدقو ڪيئي بلائين جا دروازا ڪوليندو آهي ۽ ڪيئي بُرائين جا دروازا بند ڪندو آهي. لهٰذا اسان کي خوب صدقو ۽ خيرات ڏئي ڪري پنهنجي قبر ۽ آخرت جي بهتري جو سامان ڪرڻ گهرجي.

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ ديني خدمتون انجام ڏئي رهي آهي ۞ دعوتِ اسلامي هينئر تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينه (مدني مراڪز) بڻائي چڪي آهي ۞ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (**Boys & Girls**) کي الڳ الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 12 هزار 699 مدرسةُ المدينه (بوائز، گرلز) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 3 لک، 73 هزار، 729 ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظران جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي (نوٽ هن رپورٽ ۾ مدرسةُ المدينه شارٽ ٽائيم بوائز، گرلز به شامل آهن.) ۞ فروغِ علمِ دين (عالِم و عالمه ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينه قائم آهن. هينئر تائين تقريباً 1500 جامعة المدينه (**Boys & Girls**) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 1 لک، 24 هزار،7 طالب ۽ طالبات کي درس نظامي (عالم ۽ عالمه ڪورس،

1 صدقے کا انعام،صفحہ:17تا 19 ملتقطاً۔

مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 31 هزار، 211 عالم ۽ عالمہ ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. شرعي رهنمائي جي لاءِ دنيا ڀر ۾ 17 دارُ الافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمَّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن انهن ۾ سالانہ اوسطاً تقريباً 1 لک 70 هزار سوالن جا مختلف انداز ۾ (مثال طور آمهون سامهون، فون ذريعي، واٽس ايپ، اي ميل وغيره) جواب ڏنا ويندا آهن. ۽ المدينة العلميہ (*Islamic Research Canter*) ۾ مختلف موضوعن تي 932 ديني ڪتابَ ڇپجي چڪا آهن ۽ هي سلسلو اجان جاري آهي. الحمد لله! هن وقت مدني چينل 3 ٻولين اردو، انگلش ۽ بنگلہ ۾ هلي رهيو آهي. ويب چينل عربي چينل (*Arabic Channel*) آهي. مختلف مُلڪن جي مقامي ٻولي(*Local Language*)۾ شارٽ ڪلپس ڊبنگ (*Dubbing*) ڪري هلايا ويندا آهن. ٻارن جي لاءِ ڪِڊز مدني چينل (*Kids Madani Channel*) جي ذريعي ديني تربيت جي ڪوشش ڪئي وڃي رهي آهي.

**اوهان بہ دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو، اوهان جو چندو ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪيو ويندو آهي.**

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ توهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو توهان الله جي راهہ ۾ خرچ نہ ٿا ڪريو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سڀ جو وارث الله ئي آهي.

(سيپارو: 27، سورة حديد: آيت: 10)

هن آيت جي حوالي سان تفسير صراطُ الجنان ۾ آهي: توهان کهڙي سبب

جي ڪري الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪري رهيا آهيو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سيني جو مالڪ الله پاڪ ئي آهي اهو ئي هميشہ رهڻ وارو آهي جڏهن توهان هلاڪ ٿي ويندؤ ۽ توهان جا مالَ انهيءَ جي ملڪِيت ۾ رهجي ويندا ۽ توهان کي خرچ نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ثواب بہ نہ ملندو، توهان جي لاءِ بهتر هي آهي تہ توهان پنهنجو مال الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيو تہ جيئن ان جي بدلي ثواب تہ ماڻي سگهو.[1]

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رمضان جي روزن جا فضائل

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! وري آمدِ رمضان آهي، نيڪين جي موسمِ بهار اچڻ واري آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ رمضانُ المبارڪ جي روزن ۽ اعتڪاف جا ڪجهہ فضائل ٻڌون ٿا: مختلف روايتن جي مطابق ❁ روزيدار جو سمهڻ عبادت آهي ❁ روزيدار جي دعا ۽ عمل قبول ٿيندو آهي ❁ روزيدار جي لاءِ ملائڪَ سج لهڻ تائين مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن ❁ روزيدارن جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ❁ روزيدار کي الله پاڪ جنّتي ميوا کارائيندو ❁ روزيدار کي الله پاڪ جنّتي شراب مان سيراب ڪندو ❁ روزيدار جي لاءِ قيامت جي ڏينهن سون جو دسترخوان لڳايو ويندو ❁ روزيدار جو روزو ان جي گذشتہ گناهن جو

1 تفسير صراط الجنان، پاره:27، سورة حديد، زيرِ آيت:10، جلد:9، صفحہ:721۔

ڪقارو ٻڌجي ويندو ❁ روزيدار جي چهري کي الله پاڪ جهنّم کان 70 سالن جي مسافت تائين پري ڪري ڇڏيندو.[1]

جيڪو نادان ڪنهن شرعي مجبوري جي بغير رمضان جو روزو ڇڏي ڏيندو آهي اهو سخت گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي. روايتن جي مطابق جيڪو شرعي مجبوري جي بغير رمضان شريف جو هڪ روزو ضايع ڪري ڇڏي ته هاڻي سڄي عُمر روزو رکندو رهي، تڏهن به ان ڇڏيل هڪ روزي جي فضيلت نه ٿو ماڻي سگهي.[2]

الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي پنهنجي قهر ۽ غضب کان بچائي، ماهِ رمضانُ المبارڪ جا پورا روزا خوش دلي سان، ذوق ۽ شوق سان رکڻ جي توفيق نصيب فرمائي. آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## اعتڪاف جا ڪجهه فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ دنيا ڀَر ۾ هزارين مقامن تي اجتماعي اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي، اعتڪاف گناهن کان بچڻ ۽ ماهِ رمضان نيڪين ۾ گذارڻ جو بهترين ذريعو آهي، هاڻي کان مڪمل ماهِ رمضان يا گهٽ ۾ گهٽ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيّت ڪري ونو! ❁ اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه طيبه، طاهره رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا کان روايت آهي: مَنۡ اِعۡتَكَفَ اِيۡمَانًا وَّاِحۡتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِهٖ يعني جنهن ايمان جي حالت ۾ ۽ ثواب جي نيّت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پويان گناهه بخشيا ويندا.[3]
❁ هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو: جنهن رمضانُ المبارڪ ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف

---

1 فيضان رمضان ، صفحه:84تا86 ماخوذاً۔
2 فيضان رمضان ، صفحه:88 تا89 ماخوذاً ۔
3 جَامِع صغِير، صفحه:516، حديث:8480۔

ڪري ورتو اهو اهڙو آهي جڻ 2 حج ۽ 2 عُمرا ڪيا.[1]

پاڪستان ۾ هن سال 26 هنڌن تي سڄي رمضان مهيني جو اعتڪاف ٿيندو، پنهنجي شهر جي ذميدارن کان هن جي معلومات حاصل ڪري فوري طور تي اعتڪاف فارم جمع ڪرايو.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: درس

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄوڪي هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ امّت کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروفِ عمل آهي، اوهان به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ به عملي طور حصو وٺندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: درس به آهي. درس ڏيڻ يا ٻڌڻ نيڪ اعمال (رسالي) مان هڪ نيڪ عمل به آهي اوهان به هن ۾ شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو. ايتري دير مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو ❁ نيڪ صحبت ۾ رهڻ نصيب ٿيندو❁ گهر کان ئي درس ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيّت ڪري هلنداسين ته راهِ علمِ دين ۾ هلڻ جو ثواب ملندو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مخلوقات ايستائين جو درياء جون مڇيون به دعا ڪنديون.

## هوٽل جي زينت بڻجڻ وارو نوجوان

حيدرآباد، سنڌ جو مقيم هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجو واقعو هيئن بيان ڪري ٿو: مان گناهن ۾ ايتري قدر ڦاٿل هيس جو مون کي پنهنجي زندگي جي قيمتي گهڙين جي برباد ٿيڻ جو بلڪل احساس نه هو، معمول مطابق ان ڏينهن به مان هوٽل ۾

1 جَامِع صغِير، صفحه:516، حديث:8479۔

موجود هيس ۽ ٽي وي تي هلڻ واري فلمي منظرن ۾ گم هيس تہ ايتري ۾ سنتن پريو لباس پاتل هڪ اسلامي ڀاءُ منهنجي ويجهو آيو ۽ گرم جوشي سان مصافحو ڪرڻ کان بعد چوڻ لڳو: پيارا ڀاءُ ٻاهر چوڪ درس ٿي رهيو آهي. اوهان ڪجھ منٽ عطا فرمايو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ نيڪين جو خزانو هٿ ايندو. مان ان جي خوش اخلاقي ۽ ملنساري سان متاثر ٿي ڪري هٿو هٿ ان سان گڏ هلي پيس. هوٽل جي ٻاهر هڪ اسلامي ڀاءُ فيضان سُنت مان درس ڏئي رهيو هو، ٻين اسلامي ڀائرن جيان مان بہ درس ٻڌڻ ۾ مصروف ٿي ويس، درس ٻُڌي ڪري منهنجي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ٿيو ۽ مون سچي دل سان توبہ ڪئي ۽ اسلامي ڀائرن جي صحبت اختيار ڪئي، جنهن جي بدولت ڪڏهن سُنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت، تہ ڪڏهن مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر نصيب ٿيڻ لڳو. آهستہ آهستہ مان ديني ماحول جي ويجهو ٿيندو ويس، آخرڪار هوٽلن جي زِينَت بڻجڻ وارو نوجوان درس جي برڪت سان اڄ اَلحَمْدُلله! عاشقانِ رسول سان گڏجي مسجد ۾ رات گذارڻ وارو بڻجي ويو.

عطائے حبیبِ خدا مدنی ماحول
سَنور جائے گی آخرت ان شاءالله

ہے فَیضانِ غوث ورضا مدنی ماحول
تم اپنائے رکھّو سدا مدنی ماحول (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**نوٽ:** هاڻي مدني ماحول جي بدران ديني ماحول اصطلاح آهي.

## فيضانِ حديث (Faizan e Hadees) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ان سلسلي ۾ الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان تمام

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:646 ملتقطاً۔

پياري، نرالي ۽ نهايت فائدي مند موبائل ايپليڪيشن بنام "فيضانِ حديث" **Play Store** ۽ **App Store** تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپليڪيشن ۾ حديثِ پاڪ جا مشهور ڪتابَ مثلاً ❁ مِشْكٰوةُالْمَصَابِيْح ۽ ان جي آسان اردو شرح مِراٰةُ الْمَنَاجِيْح ❁ الأربَعِيْنِ النّوويَّة اردو ترجمو ۽ تشريح سان ❁ رِيَاضُ الصَّالِحِين اردو ترجمو ۽ تشريح سان ❁ أَربَعِيْنِ حَنَفِيَّه (اردو) ❁ ۽ مُنْتَخَبِ اَحَادِيث (اردو) شامل ڪيا ويا آهن ❁ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان احاديث مبارڪ کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي مطلوبه موضوع جو مطالعو به ڪري سگهو ٿا ❁ سرچ آپشن به موجود آهي، جنهن جي مدد سان توهان مڪمل ڪتاب ۾ يا هڪ حديث ۾ مختلف الفاظ ۽ مڪمل جملو به سرچ ڪري سگهو ٿا ❁ سرچ آپشن جي مدد سان مڪمل ڪتاب يا هڪ حديث ۾ مختلف لفظن ۽ مڪمل جملي ۽ حديثِ پاڪ جا عربي الفاظ، ان جا ترجما ۽ شرح ۾ الگ الگ به سرچ ڪري سگهجي ٿو ❁ حديثِ پاڪ جو عربي متن اعراب سان گڏ ۽ بنا اعراب جي، ٻنهي طرح ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي ❁ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ جي لاءِ پسنديده حديثن کي **Favorite** ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي ❁ مختلف فائونٽس ۽ حديثن کي شيئر ڪرڻ جي سهولت به ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪيو! پاڻ به حديثِ پاڪ جو فيضان لُٽيو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسلمانن جي قبرتي وڃڻ سنّت آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** شبِ براءَت جو قبرستان جي حاضري مسلمانن جو معمول

آهي، تنهنڪري بيان ڪي اختتام ڏانهن آڻيندي قبرستان وڃڻ جا آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. اچو! پهريان فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا: ابنِ ماجه جي حديث آهي: الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: كُنْتُ نَهَيْتُكُمْ عَنْ زِيَارَةِ الْقُبُورِ، فَزُوْرُوهَا فَإِنَّهَا تُزَهِّدُ فِي الدُّنْيَا ، وَتُذَكِّرُ الْآخِرَةَ. يعني مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو هاڻي قبرن جي زيارت ڪندا ڪريو جو بيشڪ قبرون ڏسڻ دنيا کان بي رغبت ڪندو ۽ آخرت جي ياد ڏياريندو آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! ❁ قُبورِ مُسلمين (يعني مسلمانن جي قبرن) جي زيارت سنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ۽ ولين سڳورن ۽ شهيدن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي قبرن جي حاضري سعادت ٿئي سعادت ۽ انهن کي ايصالِ ثواب مَنْدُوب (يعني پسنديده) ۽ ثواب آهي[2] قبرستان ۾ هن طرح بيهو جو قبلي ڏانهن پٺي ۽ قبر وارن جي چهرن ڏانهن منهن هجي، ان کان بعد حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل طريقي مطابق هيئن سلام ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْقُبُوْرِ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ اَنْتُمْ سَلَفُنَا وَنَحْنُ بِالْاَثَرِ يعني اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي، الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهريان اچي ويا ۽ اسان توهان کان بعد اچڻ وارا آهيون.[3] قبرستان ۾ داخل ٿي ڪري هي دعا پڙهي وڃي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ الْاَجْسَادِ الْبَالِيَةِ وَالْعِظَامِ النَّخِرَةِ الَّتِيْ خَرَجَتْ مِنَ الدُّنْيَا وَهِيَ بِكَ مُؤْمِنَةٌ اَدْخِلْ عَلَيْهَا رَوْحًا مِّنْ عِنْدِكَ وَسَلَامًا مِّنِّي (ترجمو: اي الله! اي ڳري وڃڻ واري جسمن ۽ سڙيل هڏين جا ربّ! جيڪي دنيا مان ايمان جي حالت ۾ ويا تون انهن تي پنهنجي رحمت فرماءِ ۽

---

1...ابن ماجه ،ڪتاب جنائز ، باب ماجاء فى زيارة القبور، صفحه: 252، حديث:1571۔
2...فتاوٰى رضويه ،جلد: 9، صفحه: 532۔
3...تِرمِذى، ڪتاب :جنائز، صفحه: 275حديث 1053۔

انهن کي منهنجو سلام پهچائي ڇڏ.)

شَرْحُ الصُّدُوْر ۾ آهي: جيڪو ٻانهو قبرستان ۾ داخل ٿي ڪري هي دعا پڙهي، تہ حضرت آدم علیہ السلام کان وٺي ڪري دعا پڙهڻ جي وقت تائين جيترا بہ مسلمان فوت ٿيا سڀ دعا پڙهڻ واري جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا.[1] ❁ جيڪڏهن قبر وٽ ويهڻ چاهيو تہ قبر واري جي مرتبي جو لحاظ ڪندي باادب ويهي رهو.

❁ قبرن جي زيارت جي لاءِ هي 4 ڏينهن بهتر آهن: سومر، خميس، جمعو، ڇنڇر.[2]

❁ جمعي جي ڏينهن بعد نمازِ فجر زيارتِ قبورِ افضل آهي.[3] ❁ رات جو اڪيلي قبرستان نہ وڃڻ گهرجي[4] ❁ بابرڪت راتين خصوصاً شبِ براءَت ۾ زيارتِ قبور افضل آهي[5] ❁ اهڙيءَ طرح بابرڪت ڏينهن ۾ مثال طور عيدُ الفطر، بقر عيد، 10 محرمُ الحرام، ذوالحجہ جا ابتدائي 10 ڏينهن ۾ قبرن جي زيارت ڪرڻ افضل آهي[6] ❁ قبر جي مٿان اگربتي نہ ٻاري وڃي جو ان ۾ بي ادبي ۽ بدفالي آهي، ها! جيڪڏهن(حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهيو تہ) قَبَر جي ويجهو خالي جڳهہ هجي تہ اُتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب (يعني پسنديده) آهي[7] ❁ قبر تي ڏيئو يا برنڊز ميڻ بتي وغيره نہ رکو، ها! جيڪڏهن اوهان وٽ ”چارجر“ ٽارچ يا

---

1...شَرْحُ الصُّدُور،الباب الثامن و الثلاثون...الخ، صفحہ:160۔
2... عا لمگیری،کتاب الكراہیۃ، الباب السادس عشر فی زيارة القبور...الخ،جلد:5، صفحہ:430۔
3...فتاوٰی رضويہ، جلد: 9، صفحہ: 523۔
4...فتاوٰی رضويہ، جلد: 9، صفحہ: 523۔
5... عا لمگیری،کتاب الكراہیۃ، الباب السادس عشر فی زيارة القبور...الخ،جلد:5، صفحہ:430۔
6... عا لمگیری،کتاب الكراہیۃ، الباب السادس عشر فی زيارة القبور...الخ،جلد:5، صفحہ:430۔
7...فتاوٰی رضويہ، جلد: 9صفحہ: 525-483ملخصاً۔

ٺارچ واري موبائل فون نہ هجي، گورنمنٽ جون بتيون بہ نہ هجن يا بند هجن ۽ رات جي اونداهي ۾ واٽ ويندي يا ڏسي ڪري تلاوت ڪرڻ جي لاءِ روشني مقصود هجي تہ قبر جي هڪ پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهو ٿا، جڏهن تہ اها خالي جڳهہ اهڙي نہ هجي جتي پهريان قبر هئي هاڻي ڊهي چُڪي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1 قبر والوں کی 25 حکایات، صفحہ:47۔